ڊاڪٽر شير مهراڻي
سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي

# شاعريءَ جو فن ۽ شاھہ صاحب جي شاعري

# ART OF POETRY WITH THE SPECIAL REFERENCE OF SHAH SAHAB

## Abstract

Art is essentially an aesthetic activity. Its main intention is to express and symbolize the inner feelings of a person sufficiently through the images of human beings. Art in its all forms fulfills its role by showing the freedom of ideas and spirit. Poetry is considered as supreme in all forms of art.

Poetry through its lyrical tune and beautiful presentation captures the concentration of listeners and readers, and that is the art of poetry which is remarkable in accordance of other forms of art and aesthetics. Most philosophers including Hegel regard the poetry as the “most perfect art”, because it provides the richest and most concrete expression of spiritual freedom. Like all forms of the art Poetry is also able to show spiritual freedom. Poetry is not just the prearranged presentation of inner thoughts and ideas, but it is actually the enunciation of thoughts and ideas in the language. An important aspect of the art of poetry is the musical ordering of words themselves or “versification.”

In this research paper, I have tried to define the art of poetry, its modes and forms with different artistic lyrics. Most of the critics on the basics of the subject; have classified the poetry into three forms, *i.e.* epic, lyric and dramatic poetry. Keeping in the view in this article I have explained the different modes and meters of poetry.

### فن:

فن بنيادي طور تي هڪ جمالياتي سرگرمي آهي، جنهن جي وسيلي فرد پنهنجي خيالن جي دنيا آباد ڪري ٿو ۽ اندر ۾ آيل اڏمن، ذهن ۾ ويٺل سوچن، دل جي امنگن، آروزوئن ۽ ٻين ڪيفيتن کي بيان ڪري ٿو. هونئن تہ فن جا گهڻا ئي نمونا آهن، جيئن عمارتسازي بہ هڪ فن آهي، جادويا هٿ جي صفائي ڏيکارڻ بہ هڪ فن

آهي، نانگن کي نچائڻ بہ فن آهي، ڪاٺ، لوھ، سون، چانديءَ جهڙين ڌاتن کي ڪتب آڻي ڪي استعمال جون شيون ٺاهڻ بہ هڪ فن آهي. پر جڏهن اسان ادب ۾ فن جو لفظ ڪتب آڻيون ٿا تہ ان مان اها مراد الڳ ورتي ويندي آهي. ادب ۾ فنڪار پنهنجي حسي تجربي، مشاهدي، مطالعي ۽ تخيل جي آڌار تي ڪا نئين شئي جوڙي ٿو. ۽ ان نئين شئي ۾ فنڪار جو تخيل ۽ هنر جيڪڏهن ڪاميابي سان همڪنار ٿين ٿا تہ اهو فنپارو ادب جي دنيا ۾ پاڻ مڃائي ٿو، ٻي صورت ۾ اڌورو اظهار بي معنيٰ ۽ مقصد هجڻ سان گڏ غير جمالياتي ٿي وڃي ۽ پوءِ اهڙي فن پاري کي ادب ۾ ڪا بہ پذيرائي نٿي ملي. نقادن جو چوڻ آهي تہ ”فطري فن کي پاسي تي رکندي بہ فن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1. فنون لطيفہ 2. علمي فن 3. عملي فن

فنون لطيفہ جو لاڳاپو انسان جي جمالياتي حسAesthetic sense سان آهي. علمي فن فرد جي گهرجائو صنعت consumer productجو درجو رکي ٿو. جڏهن تہ عملي فن پڻ فرد جي هڪ هاڪاري سرگرمي آهي جنهن وسيلي هو رانديون ۽ ڪسرت جا مختلف طريقا سکي پاڻ کي جسماني توڙي ذهني طور تي صحتمند رکي ٿو. انسان پنهنجي گهرجن جي لاءِ جيترون بہ مشينون، اوزار، گاڏيون، جهاز ۽ ٻيون شيون ايجاد ڪري ٿو يا ٺاهي ٿو، اهي علمي فن يا هنر جي دائري ۾ اچن ٿيون...جڏهن تہ شاعر يا ڪو ٻيو تخليقڪار ڪا بہ شيءِ لکڻ کان اڳ پنهنجي ان تحرير جو ڪو خاص خاڪو پنهنجي ذهن ۾ نہ ٺوڪي، نہ ئي وري هو ڪجهہ طئي ڪري پوءِ لکڻ ويهندو آهي. هو تخليق جي مختلف مرحلن ۾ ان کي تبديل ڪندو رهي ٿو. فن خاص ڪري لطيف فن جو واسطو تخيل سان هوندو آهي انڪري فن فرد جي ذهني اختراع ۽ شعوري گهوٻين جهڙن آزارن کان بچاءَ لاءِ هڪ مرهم جو ڪم ڪري ٿو.“(1)

آن لائين ”اسٽينفورڊ انسائيڪلو پيڊيا آف فلاسافي“ ۾ آرٽ بابت گهڻو بحث ٿيل آهي، پر هي پنج نڪتا جهڙو ڪر ان بحث جو نتيجو لڳن ٿيون.

1) An artist is a person who participates with understanding in the making of a work of art.
2) A work of art is an artifact of a kind created to be presented to an art world public.
3) A public is a set of persons the members of which are prepared in some degree to understand an object which is presented to them.
4) The art world is the totality of all art world systems.
5) An art world system is a framework for the presentation of a work of art by an artist to an art world public.”(2)

يعني فنڪار اهو فرد آهي جيڪو فنپارن وسيلي دنيا ۾ پاڳي پائيوار ٿئي ٿو. ۽ فنپارو فن جو اهڙو اظهار آهي جيڪو پنهنجي ڪاريگري جي طفيل عوام تائين پهچي ٿو. عوام اهڙن ماڻهن جو جٿو آهي جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن سطح تي پيش ٿيل فنپاري کي سمجهي ٿو. فن جي دنيا ۾ سڀ فن اچي وڃن ٿا، ۽ هيءَ فن جي دنيا هڪ اهڙو هنڌ آهي جنهن ۾ هڪ فنڪار پنهنجو فنپارو فن شناس عوام اڳيان پيش ڪري ٿو.

عملي ۽ علمي فن ڪانسواءِ بہ فنون لطيفہ جا بہ قسم آهن، هڪ قسم ۾ ڪاشي، جنڊي، چٽسالي، سازن ۽ رانديڪن جي سامان جو ناهڻ وغيره اچي وڃن ٿا تہ فنون لطيفہ جي ٻي قسم ۾ شاعري، مصوري، خطاطي، موسيقي ۽ رقص اچي وڃن ٿا. ناليواري تعليمدان ۽ جماليات تي هڪ ڪتابچو لکندڙ سيد علي رضوي جو چوڻ آهي تہ:

”فنون لطيفہ مان مراد اهڙا فنون آهن، جن جو جمالياتي اثر انهن جي اصل ڪم يا مقصد جي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ جاري رهي ٿو.“ (3)

ٻين بہ ڪيترن ئي نقادن فن بابت اهڙا ويچار ڏنا آهن تہ فن جو اصل اثر ۽ مچتا ان شئي جي ڪتب اچڻ يا مقصد پورو ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ برقرار رهي ٿو. بلڪ ڪروشي جو چوڻ هو تہ،

> "A painting might prove useful as an investment perhaps but this usefulness would be quit tangential to its aesthetic value." (4)

يعني مصوري جو ڪو نمونو شايد سيڙپڪاري جي لاءِ لاڀائتو ٿي بہ پوي پر سندس اهو لاڀائتو هجڻ ان جي جمالياتي قدر کان پاسيرو هوندو. ڪروشي تہ فن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ملاوٽ يا مقصد جي پڻ سخت خلاف هو. هن ان خيال جو هو تہ فن پاڻ هڪ مقصد آهي ۽ اهو مقصد صرف ۽ صرف جماليات آهي انڪري فن کي جماليات ڪانسواءِ ٻي ڪنهن بہ مقصد لاءِ نہ هجڻ گهرجي. پلي پوءِ اهو مقصد نيڪي ۽ اخلاق ڇو نہ هجي.

پروفيسر ڪرومبي جو چوڻ آهي تہ:

”ادبي فن جو مقصد يا مراد آهي ظاهر ڪرڻ، نمائندگي ڪرڻ يا اطلاع پهچائڻ... اسان کي ادب ۾ خوبصورتي ان وقت نظر اچي ٿي جڏهن ان کي پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي ٿي هوندي.“ (5)

۽ يقينن ادب جو مقصد جمالياتي سطح تي ان جو اثر پذير هجڻ آهي. هونئن تہ دنيا ۾ مختلف وقتن دوران فن جي لاءِ مختلف تصور قبول ڪيا ويا، جيئن يونان ۾ فن کي نقل جو بہ نقل يعني ٽئين درجي جي سرگرمي سڏيو ويو. ان کي تقليد جو نظريو پڻ تصور ڪيو ويو. ڪجهہ ڏاهن تہ ان تي سخت تنقيد ڪئي پر ڪجهہ ڏاهن جو چوڻ هو تہ جيڪڏهن فرد تقليد نہ ڪندو تہ ڪائنات جمود جو شڪار ٿي ويندي ۽ پارڙا

ڳالهائڻ کان ويندي ڪائڻ پيئڻ بہ نہ سکي سگهندا. هنن جو خيال هو تہ چاڪاڻ تہ ٻارڙو جڏهن ڳالهائڻ سکي ٿو تہ اهو پڻ هڪ قسم جي تقليد ٿو ڪري. يونانين ۾ خاص طور ارسطو فن کي خاص مجوتي ڏني ۽ چيو تہ هڪ سٺي ڊرامي وسيلي حقيقي درد جو ڪٿارسس ڪري سگهجي ٿو ۽ جذبن ۽ احساسن کي پڻ پاڪ ڪري سگهجي ٿو.

اهڙي ريت فن بابت ڪيترائي مختلف ۽ متزاد رايا سامهون ايندا رهيا آهن، ايسيتائين جو "فن جو فلسفو" جي مصنف کي چوڻو پيو تہ ماضيءَ ۾ فن کي مختلف طريقن سان بيان ڪيو ويو.

"In the past Art has been variously defined." (6)

جڏهن تہ فرانس جي ڏاهي ۽ وجودي فيلسوف جان پال سارتر چوي ٿو تہ فطري سونهن کي ڪنهن بہ طرح سان فني سونهن سان نٿو پيٽي سگهجي چاڪاڻ تہ فن جي ڪا بہ پڇاڙي ناهي. فن هڪ قدر آهي چاڪاڻ تہ ان ۾ ڪشش آهي.

"The beauty of nature is in no way comparable to that of art. The work of art does not have an end… the work of art is a value because it is an appeal." (7)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي صاحب فن کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

1. آرٽ تجربا ڏئي ٿو ۽ پهچائي ٿو.
2. آرٽ اهي تجربا( آرٽسٽ جا) مختلف ذهنن تائين مختلف نمونن سان پهچائي ٿو.
3. آرٽ مقصد نہ پر وسيلو بہ آهي، جنهن سان تجربا خود آرٽسٽ جي ذهن ۾ پيدا ٿين ٿا.
4. آرٽ جي تجربن پيدا ڪرڻ جو ڪم آرٽ کانسواءِ ممڪن نہ هو."(8)

توڙي جو مختلف دورن ۾ فن بابت مختلف خيال پيش ڪيا ويا، پر ڏٺو وڃي تہ "سيني کان مقبول خيال اهو رهيو تہ فن فرد جي نہ صرف پنجن احساسن کي راحت بخشي ٿو بلڪ ڇهين حس جي پڻ تعمير ڪريٿو. يعني هڪ سٺي موسيقي انسان جي سماعتن کي سڪون ڏئي ٿي، هڪ سٺو ڊرامو، رقص، فلم يا ڊاڪيومنٽري انسان جي اکين کي وڻي ٿي، خوشبوءِ ۽ ذائقو اهڙو سينسري آرٽ آهي، جيڪو انسان جي ساهن ۽ زبان کي سٺو لڳي ٿو. مجسما ۽ ٻيون گداز شيون انسان جي لمس کي لپائين ٿيون، جڏهن تہ فن جا سيئي عنصر گڏيل طور ڪنهن نہ ڪنهن طرح انسان جي ڇهين احساس sixth sense جي تعمير ڪن ٿا."(9)

## شاعري:

فنون لطيفہ جي ٻين سيني نمونن جي ڀيٽ ۾ شاعري جي پنهنجي اهميت آهي پر انهن مان شاعريءَ کي وڏيڪ فوقيت ڏني وئي آهي، توڙي جو افلاطون شاعرن جي خلاف هو ۽

هو انهن کي پنهنجي خيالي رياست ۾ نہ پيو ڏسڻ چاهي پر ان جي باوجود هن جو خيال هو تہ:

> " He (Plato) recognizes the power of poetry over the human soul and intimates that he has full appreciation of its pleasures." (10)

شاعري چاڪاڻ تہ احساسن جي ٻولي آهي ان ڪري اها جذبن ۽ احساسن تي جلد اثر انداز ٿئي ٿي.

شاعري احساسن، جذبن، اڌمن، امنگن ۽ اميدن جو اجهل وهڪرو آهي، جيڪو خوبصورت لفظن جي صورت ۾ پهاڙن تان ڪنهن نديءَ وانگر وهندو رهي ٿو. شاعري سچ ۽ راحت جي رهاڻ جو نالو آهي.

> "In poetry, we find the connotation with truth and pleasure." (11)

شاعري شاعر جي ٻي ترتيب وهڪري جو ميڙ هوندي آهي جيڪو هو، پنهنجي ذاتي تجربي ۽ اڀياس مان پرائي ٿو ۽ ان کي هڪ سهڻي ترتيب ڏئي ٿو. بلڪہ اهو چوڻ بہ درست ٿي ٿيندو تہ شاعري لفظن جي سهڻي ترتيب جو نالو آهي ، جنهن ۾ فڪر هڪ ڳردار ميوي وانگر سمايل هوندو آهي.

> "The ideal poetry is not a representation but a direct manifestation of present experience." (12)

يعني سٺي شاعري محظ پيش ڪش ناهي هوندي بلڪہ اها حاضر تجربي جو سنئون سڌو اظهار هوندي آهي.

> "شاعري روح جي اٿاهہ گهراين مان ڪنهن امالڪ جذبي سان ست ڪائي اظهار جو رستو ونندڙ اندر جي احساس جو نالو آهي. شاعري زمين جي گهراين مان ڦٽي نڪتل ان ٻوٽي جو نالو آهي، جيڪو هوائن ۾ جهولي ۽ جهومي آسمان ڏانهن ڏسي مسڪرائي ٿو. شاعري آسمان ۾ ڪريل وسڪاري جي ان پهرين ڪڻيءَ جو گيت آهي، جيڪا مٽيءَ سان ملي خوشبوءِ ۾ تحليل ٿي وڃي ٿي. شاعري ان پکيءَ جو آواز آهي جيڪو وڻن جي ٽارين ۾ گلن سان ٽڪرائي موسيقي بڻجي وڃي ٿو. شاعري ساز مان نڪتل ان مڌر سُر جو نالو آهي جيڪو ٻڌندڙ کي حواسن سان شيرينيءَ جو ذائقو ڏئي ٿو. شاعري ٻارڙي جو اهو ابهم ٻول آهي، جيڪو ڪنهن ماءُ ۾ بي انتها مامتا جاڳائي ڇڏي ٿو. شاعري ان رقص جو نالو آهي جنهن جي وجد جي طفيل ڪو رقاص زندگي قربان ڪرڻ جو سوچي ويهي ٿو. شاعري ان عظيم علم جو نالو آهي جنهن جي سرپرستي ڪا الهامي قوت ڪري ٿي." (13)

شاعري فرد جي خواهشن، امنگن، ٻڪ، بدحالي، عشق، محبت، پيار، امن،

سڪ، سهپ ۽ نماڻائي جهڙن انيڪ گڻن کي لفظن جي حسين موسيقيءَ ۾ پيش ڪرڻ جو نالو آهي. ۽ اها پيشڪش ان فرد کي ليائي ٿي، جنهن جي دل جي ٻالهه ان ۾ موجود هوندي آهي. شاعري شاعر جي ڌرتيءِ جي نمائنگي ڪندڙ عنصر آهي ۽ شاعري ان ڌرتيءَ تي مقبول ٿي سگهي ٿي جتي ان شاعر جي ساڳي ٻولي ڳالائيندڙ ۽ ساڳي وايو منڊل، موسمن ۽ معاشري جا فرد ڪيس پڙهندا. يعني شاعري جي مقبوليت جو ڪارڻ زمان ۽ مڪان به ٿي سگهن ٿا. ٻي صورت ۾ شاعري اوپري، واٽڙي ۽ بي اثر لڳندي. ڇاڪاڻ ته شعر ۾ شاعر جنهن تجربي کي قلمبند ڪريٿو اهو جيڪڏهن عوام جو ناهي ته يقينن سندس شاعري اٹنهڪندڙ بي سوادي ۽ سمجهه کان ٻاهر لڳندي.

”شعر انهن تجربن جي گروه، ڪلاس يا ميڙ کي ٿو چئجي جيڪي هڪ ٻي کان نه رڳو هڪ حد تائين مختلف ٿي سگهن ٿا پر هڪ ٻي کان پنهنجي جدا جدا ڪردار جي ڪري به مختلف آهن، ڇوته انهن هر هڪ مان معياري تجربو حاصل ٿئي ٿو.“ (14)

اهو پڻ سچ آهي ته شاعري هڪ پاسي سوز، ڏک، درد ۽ سور جي تصوير هوندي آهي ته ٻي پاسي جماليات جو اهڙو جهان هوندي آهي، جتي اهو ساڳيو سور سرور بڻجي نازل ٿئي ٿو.

“Fine poetry consists of image-making, and as such is compatible with the poet’s ignorance of truths about what is real.” (15)

يعني سٺي شاعري تخيل تي ٻيٺل هوندي آهي ۽ اها شاعر پاران وساريل سچ سان همڪنار هوندي آهي.

آءِ اي رچرڊس جي حوالي سان ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو صاحب لکي ٿو ته:

”شعر مان گهڻو ڪري عام سچ ملي ٿو... دل جي سچي روشني رڳپ سهڻن لفظن ۾ آهي...جيڪي ادب وٽيوَ سو پيدا ڪيو پر ان ۾ سادگي ۽ ايڪائي ضرور پريو...شعر جا وڏا مقصد به آهن هڪ تفريح ٻيو تعليم.. شعر طاقتور جذبن جي زور سان اڌما ڏئي نڪرڻ کي ٿو چئجي...شعر اهو آهي جنهن ۾ سٺي ۾ سٺا لفظ سٺي ۾ سٺي ترتيب سان آيل هجن“ (16)

شاعر انسان جون سڀ جبلتون شاعري ۾ بيان ڪن ٿا، پر اهو شعر وڌيڪ اثر رکندڙ ثابت ٿئي ٿو جنهن ۾ درد جو اظهار سگهاري انداز سان ٿيل آهي. ڇاڪاڻ ته اها انسان جي فطرت آهي ته هو خوشي کان وڌيڪ درد جو اثر جلد قبول ڪري وٺندو آهي.

”ڏک ۽ درد جي باري ۾ فڪري نڪتا سڄي انسان ذات جي شاعري مان پڌرا آهن، هي نڪتا موت، جنگ، بيماري، بکي، استحصال يا پيڙا جي باري ۾ اپاريا ويا آهن ۽ انڪري سماجيات جي خيال کان شاعري جو وڏو

حصو والارين ٿا.“ (17)

شاعري جو وجود ۾ اچڻ هڪ واقعو ضرور آهي ۽ ان حادثي ۽ واقعي جو اظهار جڏهن فرد پنهنجي اڪيلاين ۾ ڪري ڪري ٿو ته اهو شاعري جو نمونو بڻجي وڃي ٿو. موضوع جي لحاظ کان نقادن شاعريءَ کي مختلف قسمن ۾ ورهايو آهي. جن ۾ ڏک، سور، درد، رومان، عشق، وڇوڙا، وصل، رزميه، ڊرامائي، جمالياتي، تمثيلي وغيره شامل آهن. پر شاعريءَ جو تخليق ٿيڻ شاعر جي تخيلاتي اڏام جو نتيجو آهي، جنهن ۾ مختلف موضوع مزاج آهر اچي وڃن ٿا.

”شاعري ان ڪري وجود ۾ آئي ته جيئن انسان نقل يا تخليقي ۽ تخيلاتي عڪاسي ۽ سگهه وسيلي ٻاهرين دنيا ۾ پنهنجي ضرورتن ۽ خواهشن آهر ان ۾ تبديليون آڻي سگهي.“ (18)

ٻي پاسي ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي موجب شاعري ۾ ٽي عنصر شامل هوندا آهن.

”پهرين ڳالهه اها ته شاعري ٻاهرين هيئت، لفظن. ٻولي، ترنم، مواد ۽ موسيقي ڪري جانچي پرکي ڏٺو وڃي، ٻيو آهي ذهني فيصلو جيڪو شعر جي ٻاهرين هيئت ذريعي ظاهر ڪيل اندروني فڪري اهميت ۽ معنيٰ سان لاڳاپيل هوندو آهي، ٽيون عنصر آهي جمالياتي رويو، جيڪو شاعري جي مطالعي مان ذهن تي پوندڙ جمالياتي اثر جي ڪري پيدا ٿيندو آهي.“ (19)

هونئن ته شاعري جو تخليق ٿيڻ ئي هڪ جمالياتي سرگرمي آهي، پر جڏهن شاعري ۾ فني جمال پرجي ٿو ته اها ڇڻ سونهن جي سورنهن سنيگارن جي مصداق ٿيو پوي. ۽ شاعر پنهنجي تخيل، ترنم، فن ۽ لفظن جي حسين جوڙجڪ ۽ موسيقي سان حسن و جمال جا واهر وهائي ٿو.

مختلف فڪري حوالن سان گڏ شاعري جو اهم محرڪ جمال ۽ سونهن آهي ۽ ان ڪري ئي شاعري کي لفظن جو رقص سڏيو ويو آهي. چون ٿا ته سني شاعري سونهن جو اهو وهندڙ درياهه آهي جنهن ۾ سونهن، خوبصورتي، جمال ۽ جلال جا ڪيئي نمونا هر وقت اٿلون ۽ اڇلون ڏيندا رهن ٿا. ۽ اهي پڙهندڙن جي روح ۽ خيال کي نه صرف معطر ڪن ٿا بلڪ ان ۾ سوچ جي نين ندين کي پڻ جنم ڏين ٿا.

شاعري ذات سان گڏ هڪ علم به آهي، جيڪو قديم يونانين کانپوءِ رومين وٽ پهتو، جيڪي شاعرن کي ”ويٽس“ جي نالي سان سڏيندا هئي، جنهن مان بزرگن ۽ پيغمبرن جي معنيٰ ورتي ويندي هئي. ائين پوري دنيا ۾ شاعري ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ٿيندي رهي، اردو جو پهريون شاعر ولي دکني کي چون ٿا، جڏهن ته سنڌي ۾ قاضي قادن کي پهريون شاعر سڏيو وڃي ٿو. پر ڏٺو وڃي ته سنڌي توڙي پنجابي ۽ سرائيڪي جو پهريون شاعر بابا فريد شڪر گنج آهي جيڪو ٻارهين صدي جو

مشهور شاعر ٿي گذريو آهي، آغا سليم پڻ لکيو آهي ته،

> ”بابا فريد جن وڏا ولي الله هئا، ايڏا ئي وڏا شاعر هئا سندن شاعريءَ جو اثر تلسيداس کان وٺي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تائين نظر اچي ٿو. ادبي لحاظ کان بابا فريد جي شاعري ان ڪري به اهم آهي ان مان ان دور جي لساني مطالعي جو مواد ملي ٿو ۽ وڏي ڳالهه ته بابا فريد سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابي زبانن جو پهريون شاعر آهي.“ (20)

انگريزي ٻوليءَ ۾ چاسر کي انگريزي شاعري جو ابو سڏيو وڃي ٿو، عربن ۾ پڻ شاعريءَ جو اوج هو ۽ دور جاهليت جو شاعر امراءُ القيس اڄ به پنهنجي بليغ ۽ اعليٰ شاعراڻي آهنگ سبب مڃيو وڃي ٿو، نياز احمد سحر لکيو آهي ته،

> ”عربن جي جهالت واري دور ۾ شاعري عروج تي هئي، ۽ شاعرن جو پنهنجو شان هوندو هو، هر قبيلي جو شاعر الڳ هوندو هو، جنهن جو ڪم سڀني ۾ سڀني شعر ئي پنهنجي قبيلي جو نالو بلند ڪرڻ هو.“ (21)

هر ٻولي ۽ خطي ۾ آفاقي شاعرن کي مان ڏنو ويو آهي. حافظ شيرازي ۽ ورجل جي شاعري جي ڪتابن مان ماڻهو فال ڪڍندا هئا. سنڌ ۾ شاهه جي رسالي جي تعظيم ڪنهن مقدس ڪتاب کان گهٽ نٿي ڪئي وڃي. هر قوم ۽ هر ٻوليءَ ۾ شاعرن کي ان ڪري به اهميت ڏني ٿي وڃي ته هو ٻولين جا امين ۽ انهن کي بچائيندڙ هوندا آهن. هو پنهنجي ٻولين کي دنيا جي لاهن چاڙهن ۽ تبديل ٿيندڙ قدرن جي جي واچوڙن کان بچائين ٿا. نه صرف بچائين ٿا بلڪ هو ٻولين جو تقدس قائم رکن ٿا. ڪارل ڪراس جو چوڻ آهي:

> “My Language is universal whore, whom I have to make into virgin.” (22)

يعني منهنجي ٻولي ”جڳ جي استعمال هيٺ“ آهي پر منهنجي ذميواري آهي ته آئون ان کي اڻڇهيل (ڪنوارو) بڻائڻو آهي. اها حقيقت آهي ته ساڳي جڳ جي استعمال ۾ ايندڙ ٻولي جڏهن ڪنهن سٺي شاعر جي شعرن ۾ ٻڌجي ٿي ته بلڪل نئين ۽ اڻڇهيل لڳي ٿي. بلڪ شاعرن جو ڪم ئي ٻوليءَ کي نکور ۽ نئون ڪرڻ آهي. پوءِ ان نواڻ سبب ممڪن آهي ڪٿي ٻولي گرامر جي اصولن کان هٽي به وئي هجي پر ان جو جڏهن جائزو وٺبو ته ان مان معنيٰ جا نوان موتي نڪري ايندا.

> “The form of sincere poetry, unlike the form of ‘popular poetry’ may indeed be some time e obscure, or un grammatical as in some of the best of the songs of innocence and experience, but it must have the perfection that escape analysis, the subtleties that have a new meaning every day…” (23)

شاعري جي بنيادي علمن ۾ علم بديع، علم بيان ۽ علم معاني شامل آهن.

جن سان شاعريءَ جو حسن ۽ فني سونهن پڌري ٿئي ٿي. گهربل شاعراڻين صنعتن سبب شاعري ۾ فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ خوبصورتي اچي ٿي. انهن صنعتن ۾ تشبيهه، تلميح، تجنيس، استعارا، مبالغا ۽ ابهام شامل آهن.

هتي ڪجهه شاعراڻن اصطلاحن ۽ صنعتن جو مختصر تعارف ڏجي ٿو.

## فصاحت:

”فصاحت“ عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: اهڙو بيان يا اظهار جنهن ۾ ڪتب آندل ٻولي: اچارڻ، ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ ۾ وڻندڙ محسوس ٿئي. شاعري ۾ ان شعر کي فصيح چئي سگهجي ٿو جيڪو نه صرف پڙهڻ ۾ وڻي پر ان جي معنوي اثر پذيري ٻڌندڙ تي پڻ پنهنجو اثر ڇڏي. ڀٽائي جي سموري شاعري فصاحت جو اعليٰ ترين نمونو آهي.

نيڻَ نِهائِين جان، سُتي لوڪَ ڏِڪِيان؛
اُجهامِيو ٻَران، توکي سارِيو سُپِرِين!
( سر رپ) 2:12

ڏَرِتي ڏُونهه ڄِڃَن، سِرَ ٻَرِ سُپِيرِيُن ڏي؛
لَڳو آهِ، لَطِيفُ چئي، تَنُ پِريان ڏي تِڃَن؛
حاصُلُ ٿِئي هِنَن، قَرِينو قَرِيبَ جو.
( بروو سنڌي) 1:3

## بلاغت:

بلاغت شاعري جي اها خوبي آهي، جنهن تحت شاعري ۾ نه صرف چٽائي، صفائي ۽ خوبصورت انداز هجي بلڪ ان ۾ زمان، مڪان ۽ حالتن جو پڻ ذڪر هجي. جامع سنڌي لغات موجب ” ڪلام جي سيني خوبين ۽ معنائن جي ادائيگي، خوش رواني...ڪلام جون لفظي خواه معنوي خوبيون“ (24)

شاهه جي شاعري بلاغت جو اهڙو نمونو آهي جنهن ۾ هڪ پاسي شاعري جون سموريون خوبيون موجود آهن ته ٻي پاسي فڪري جهتن جا اهڙا دروازا ڪليل ملن ٿا جو انهن جو ڪو مثال نٿو ملي.

مَرُ تہ موچارِي ٿِئين، اَجَلان اَڳي اَڄُ؛
جان ڪِي هُئين ڄِٽري، ته مُنڌ! ڀَنيوران ڀَڄُ؛
پُنهونءَ ساڻُ پَهَڄُ، تہ مَلَڪَ اَلْمَوتُ ماڻِين.
(معذوري)4:2

## سلاست:

زبان جو سولو ۽ عام فهم استعمال سلاست جي زمري ۾ اچي ٿو. شاعري ۾ سليس يا آسان لفظن توڙي عام مروج تشبيهن ۽ استعارن جي ڪتب آڻڻ کي شاعري جي سلاست جهڙي خوبي مڃيو ويجي ٿو. شاهه جي شاعري پنهنجي پر ۾ سليس ۽ سهل آهي. هن پنهنجي پيغام کي پڙ اهڙن قصن ۽ ڪهاڻين جي اوٽ ۾ پيش ڪيو آهي جيڪي ان دور ۾ مشهور ۽ مروج هئا ۽ سندس ٻولي پڻ عام عوام جي ٻولي آهي، اها ٻي ڳالهه آهي ته وقت سان گڏ ڪي لفظ اڄ گهٽ يا ٻنهه نٽا استعمال ٿين، ان ڪري نوجوانن کي شاهه جي شاعري ڪي قدر اوکي محسوس ٿئي ٿي.

گِهڙِي گهڙو هَٿِ ڪري، اِلاهي تُهارَ!
جَنگَھ جَرڪي واٽَ ۾ سِسِيءَ ڪي سيسارَ؛
چُوڙا پيڙا چِڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙهيَس وارَ؛
لَڪين چُهَنيِس لوهِڻيُون، تيلهيُون ٽَرنِڻُون ڏارَ؛
مِڙيا مَڇَ هزارَ، پاڳا ٽينڊِي سُهڻِي.
(سهڻي) 1:7

آيَل! ڊولئي ساڻُ، اَچي تہ جهيڙِيان؛
لاٽئين ڏِينهن گهڻا، مون کي چئي ٽورڙا.
(سامونڊي) 1:19

## تشبيهه:

تشبيهه جي لغوي معنيٰ يا مفهوم ”ٻن شين کي ڪنهن خاص اثر ۾ شريڪ ڪرڻ“ آهي، ڪنهن شيءَ کي وڏيڪ چٽو ڪري بيان ڪرڻ لاءِ ان شيءِ جي ٻي ڪنهن وڏيڪ مروج ۽ سڃاپري شيءِ سان ڀيٽ ڪرڻ تشبيهه آهي. شاعري ۾ سهڻيون تشبيهون شاعري جو ملهه وڌايئين ٿيون. تشبيهه ۾ ”جيئن“، ”جهڙو“ يا ”وانگر“ لفظ ڪتب آندا وڃن ٿا.

> “**Smile**: a figure of speech in which two things are compared in order to emphasize to a particular feature or quality they share. A simile differs from metaphor in being in explicit comparison, usually using the word “as” or “like”. (25)

> ”تشبيهه ۽ استعاري جو تعلق شاعري سان اهڙو آهي، جهڙو بارش جو بيابان سان، جيئن ڪا ٽوٽ ۽ سڪل ڌرتي ان وقت تائين سر سبز ۽ شاداب نہ ٿيندي جيسيتائين ان مٿان وسڪارو نہ ٿئي. ۽ وسڪارو ٿيندي

ئي اهو رڻ پٽ سونهن ۾ سوپيا جو مثال بنجي وڃي، بلڪل ساڳيو مثال تشبيهہ ۾ استعارو جو شاعري سان تهڪي اچي ٿو. شاعري بہ ايسيتائين بلڪل بيجان ۽ بسي رهندي، جيسيتائين ان ۾ انهن بنهي صنعتن جو مناسب استعمال ٿيل نہ هوندو. گويا تشبيهہ ۽ استعاري شاعري کي حسن ۽ زندگي بخشيندڙ بہ موتي آهن جن ڪٿجو استعمال ان جي جوت کي وڌيڪ جرڪائي ٿو.“(26)

چَپَرِ چِتَن پَهُون، تِتَن رڻ ڳِجُهن رانئيو؛
وَنڪا وَنڪن گڏيا، ٻوڙيو ڏِيَن ڏهُون؛
مُهايَن وَهُون، نيرُ مَهانگو ڪَندِيُون.
(ڪيڏارو)6:2

گوني ۾ گُوني، پريِن پَتائين گَجَ جِتَن؛
جي مَنَ مجُوني، سي ڪِتَن وَجَن وِسِرِي؟
(رپ) 2:3

مٿين بيتن ۾ تشبيهہ وارن لفظن کي واضع ڪرڻ لاءِ تشبيهہ وارن لفظن ”جيئن“، ”جهڙو“، ”وانگر“ وغيره کي پاسيرو italic ڪيو ويو آهي.

## استعارو:

استعارو معنيٰ اڌارو وٺڻ. استعاري ۾ ڪنهن شيءِ کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪنهن ٻي شيءِ جو سهارو ورتو ويندو آهي، پر هن ۾ تشبيهہ وانگر ”جيئن“، ”جهڙو“، ”وانگر“ وغيره جهڙا لفظ استعمال نٿا ڪجن، بلڪ سوڌ اها شيءِ ان ئي رنگ ۾ ڪتب آڻجي ٿي، جنهن جي استعاري طور ٻي شيءِ کي بيان ڪجي ٿو.

مثال طور: ”منهنجو محبوب گلاب جي گل *جهڙو* سهڻو آهي.“(تشبيهہ)

”منهنجو محبوب *گلاب جو گل* آهي.“(استعارو)

انسائيڪلو پيڊيا امريڪانا ۾ استعاري جي هيءَ وصف ڏنل آهي.

“**Metaphor:** A figure of speech that , presupposing a similarities of two or more things denote one of them by term properly or literally signifying the other, as if the where identical”. (27)

يعني اها علامت جيڪا هڪ شيءَ کي ٻي شيءَ جي مدد سان سڃاڻڻ ۾ مدد ڪري، ۽ انهن جي خاصيتين آڌار انهن ۾ مشابهت پيدا ڪري.

شاهہ جو رسالو بيين صنعتن وانگر استعاري جي صنعت سان پڻ ٽمٽار آهي.

شاهہ صاحب پنهنجي عظيم ادراڪ ۽ ڏاهپ سان اهڙي خوبصورت ٻولي استعمال ڪئي آهي، جنهن ۾ استعاري سميت سڀئي صنعتون پنهنجي معراج تي محسوس ٿين ٿيون.

سِرُ سانداڻ ڪري، پُڇج گهرُ لهارَ جو!
ڏَڪن هيٺ ڏري، مانَ گڏينئي رُڪَ سين!
(يمن ڪلياڻ)3:13

محبّت جي ميدان ۾، سِرَ جو ڪر مَ سانگُ؛
سوريءَ سُپيرين جي، چَڙهُ تہ ٿئين چانگُ؛
عشق *آهي نانگ*، خبر ڪاڏَنِ ڪي پوي.
(يمن ڪلياڻ)6:10

مٿين بيتن ۾ استعاري وارن لفظن کي واضع ڪرڻ لاءِ انهن کي پاسيروitalic ڪيو ويو آهي.

## تلميح:

جامع سنڌي لغات موجب صنعت "تلميح" مان مراد اها صنعت ورتي وئي آهي، جنهن هيٺ شعر ۾ ڪنهن آيت، حديث، حڪايت، ڳالهہ، قصي يا ڪنهن واقعي ڏانهن اشارو ڪيو ويو هجي. (28)

> "هن صنعت ۾ شاعر پنهنجي شعر ۾ قرآن حڪيم جي ڪا آيت يا نبي ڪريم ﷺ جي ڪنهن حديث يا ڪنهن قصي ڏانهن اشرو ڪندو آهي." (29)

جڏهن تہ اهڙي شعر کي پڻ صنعت تلميح ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو جنهن جي هڪ سٽ هڪڙي ٻولي جي هجي ۽ ٻي سٽ ڪنهن ٻي ٻولي ۾ چيل هجي. شاهہ جي شاعري صنعت تلميح جي سينگار سان سينگاريل آهي، هن اهڙيون تہ تز آيتون ، حديثون ۽ عربي چوٽيون ڪتب آنديون آهن جو گمان ٿو ٿئي تہ پتائي جڻ تہ ڪنهن قابل محقق وانگر پنهنجي شاعري کي حوالن جي مدد وڏيڪ موثر ۽ مانائتو ڪيو آهي. صنعت تلميح جا ڪجهہ بيت هت ڏجن ٿا.

سو ڍِي راهَ رَدِّ ڪري، سو ئي رَهَنُماءُ؛
وَ تُعِزُّ مَنۡ تَشَاءُ، وَ تَذِلُّ مَنۡ تَشَاءُ.
(ڪلياڻ)3:5

سا سِٽَ ساريائون، اَلف جنهن جي اَڳ ۾؛
”لاَ مَقصُودَ فِي الدَّارَينَ“ اِن پَرِ اُتائون؛
سَڳُرُ سونائُون، تيا رَسِيلا رحمانَ سين.
(يمن ڪلياڻ)5:16

## تجنيس:

”تجنيس“ جنس مان ورتل آهي، جنهن مان مراد آهي هڪئي قسم، يا هڪ جهڙو.

”تجنيس: جنسوار ڪرڻ، جنس ۾ ورهائڻ، هڪجهڙائي، مشابهت.“

شاعري جي اها صنعت جنهن ۾ مختلف هڪجهڙاين(آواز، لڪت، معنيٰ وغيره) جي بنياد تي لفظن کي ترتيب ڏنو ويندو آهي. يعني لفظن جو اهڙو سلسلو ڪتب آڻجي جنهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن بنياد تي ڪا هڪجهڙائي هجي تہ ان کي تجنيس چيو ويندو.

عام طور تجنيس کي چئن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي.

i. تجنيس تام
ii. تجنيس ناقص
iii. تجنيس مرڪب
iv. تجنيس حرفي

## تجنيس تام:

”تام“ معنيٰ مڪمل يا پورو؛ شاعري ۾ جڏهن بہ يا ٻن کان وڌيڪ اهڙا لفظ ڪتب آندا وڃن، جن جو لکڻ توڙي پڙهڻ هڪجهڙو هجي، پر معنيٰ مختلف يا مٽ هجي تہ ان کي تجنيس تام چئبو. ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ تجنيس تام گهڻ ملي ٿي.

جا هَڙَ اَندرِ جِيَّ، ساهَڙَ ڏِنِي ساهَ کي؛
سا هَڙَ ڇُڙي نہ ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِيَّ؛
ساهَڙَ ميڙِ، سَمِيعَ! تہ سا هَڙَ ڇُڙي ساهَ جِي.
(سهڻي)5:14

## تجنيس ناقص:

شاعري ۾ جڏهن بہ يا ٻن کان وڌيڪ اهڙا لفظ استعمال ڪيا وڃن، جن ۾ هڪجهڙا ۽ هڪ جيترا حرف هجن، پر انهن جي وچ ۾ اعرابن جو فرق هجي تہ اهڙي شاعراڻي صنعت يا ڪاريگريءَ کي تجنيس ناقص چيو ويندو.

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وَڏو ڪَيو؛
نِهارِينديَس نِڪرِي، بوتَن ڪارڻِ بَرُ؛
آڏو ٿَڪَرَ ٿَرُ، متان روهَ رَتِيُون ٿِئين!
(ديسي)3:9

شاهہ جي رسالي ۾ تجنيس ناقص جا مثال پڻ گهٽ ملن ٿا.

## تجنيس مرڪب:

هن صنعت جو لاڳاپو ڪلام ۾ مرڪب ۽ مفرد لفظن ۾ هڪجهڙائي سان آهي. شاعري ۾ مرڪب ۽ مفرد لفظن جو اهڙو سنگم پيش ڪرڻ کي تجنيس مرڪب چيو ويندو آهي، جنهن ۾ لفظن جي هڪجهڙائي تہ هجي پر انهن مان هڪ لفظ مرڪب هجي ٻيو مفرد. سر سهڻي جو هيءُ بيت تجنيس تام سان گڏ تجنيس مرڪب جي دائري ۾ پڻ اچي ٿو.

جا هَڙَ اَندَرِ جِيءَ، ساهَڙَ ڏِنِي ساهَ کي؛
سا هَڙَ ڇُڙِي نہ ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِيءَ؛
ساهَڙَ ميڙِ، سَمِيعَ! تہ سا هَڙَ ڇُڙِي ساهَ جِي.
(سهڻي)5:14

هن بيت ۾ لفظ "ساهڙ" معني! ميهار يا محبوب؛ مرڪب آهي تہ سا_هڙ يعني "اُها هڙ" مفرد آهي.

## تجنيس حرفي:

تجنيس حرفي تحت ڪنهن بہ شعر ۾ هڪجهڙن حرفن سان شروع ٿيندڙ لفظ لڳاتار ڪتب آندا وڃن ٿا.

"جيڪڏهن ڪنهن جملي يا مصرع ۾ ساڳئي حرف سان شروع ٿيندڙ لفظن جو استعمال ٿئي تہ اهڙي تڪرار واري صنعت تجنيس حرفي يا خطي سڏبي." (31)

"جڏهن نثر توڙي نظم جي سٽاءَ ۾ لفظ جو پهريون حرف ساڳيو هجي ۽ اهڙا لفظ اڪثر هڪٻئي جي پٺيان اچن ۽ هر هڪ لفظ پنهنجي اندر ڀرپور معنيٰ رکندو هجي تہ اهڙي ترتيب کي تجنيس حرفي چئبو آهي." (32)

تجنيس حرفي جي ڪتب آڻڻ سان نہ صرف شاعراڻين مهارتن جو پتو پوي ٿو بلڪہ ان سان شاعري ۾ پڻ تمام گهڻي سونهن پيدا ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ تہ هڪجهڙن حرفن وارا لفظ ٻڌندڙ توڙي پڙهندڙ تي هڪ دلفريب اثر ڇڏين ٿا.

مجموعي طور تي هن مقالي ۾ اسان فن، شاعري، شاعراڻين ترڪيبن ۽ صنعتن تي بحث ڪيو آهي. اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ داخلي طور تي شاعري احساسن جي ٻولي آهي ۽ خارجي طور تي شاعري هڪ اهڙو فن آهي، جنهن ۾ لفظن جي ترتيب، خيالن جي ندرت، فڪر جي اڏام، سوچ جون چارئي ڏسائون شامل رهن ٿيون. يعني شاعري هڪ اهڙو فن آهي، جنهن جو بنيادي مقصد تہ فن بذات خود آهي، پر ان ۾ جڏهن فڪر ۽ فلسفي جون مختلف ڌارائون شامل ٿي وڃن ٿيون تہ هيءُ فن جاودان بڻجي وڃي ٿو. بلڪ شاعري ان وقت ٻوليءَ جي امين بڻجي وڃي ٿي جڏهن ان ۾ پنهنجي ثقافت، قدر، تاريخ ۽ جاگرافي اچي وڃي ٿي. ان حوالي سان سنڌي شاعري پاڻ ۾ پري آهي، چاڪاڻ تہ شاهہ لطيف کان سچل سرمست تائين شيخ اياز کان امداد حسيني ويندي تاج بلوچ تائين سڀني شاعرن پنهنجي تاريخ، ثقافت، قدر ۽ جاگرافي بيان ڪئي آهي.

حوالا:


1. مهراڻي شير ، ڊاڪٽر، شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2013ع، ص، 212
2. http://plato.stanford.edu/art
3. جماليات ايڪ مطالعہ، سيد علي رضوي، مڪتبہِ نيا ادب ڪراچي 1987ع صفحہ 25
4. The Routledge companion to Aesthetics, Bery Gant and Dominic ML Routledge London 2001 page 121.
5. ادبي تنقيد جا اصول، پروفيسر لاسيلس ايبر ڪرومبي، ترجمو مراد علي مرزا، 1981ع، صفحو 39
6. Philosophy of Art, A contemporary introduction. Noel Carroll, Routledge London 1999, page170
7. 20th century literary criticism. David Lodge, Longman London 20th edition page, 376
8. تنقيدون، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1980ع صفحو 193
9. مهراڻي شير ڊاڪٽر، شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2013ع، ص، 82
10. The Rutledge companion to Aesthetics, Bery Gant and Dominic ML, Routledge London 2001 page.7
11. Fee-Alexandra Haase BEAUTY AND ESTHETICS, page.184
12. Ibid.pp 186
13. ڪلياڻ، ريسرچ جرنل، ايڊيٽر، ڊاڪٽر غفور ميمڻ، "جديد غزل جو اڀياس"، مضمون
14. تنقيدون، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، صفحو 187
15. The Rutledge companion to Aesthetics, Bery Gant and Dominic ML, Routledge London 2001 page.6
16. تنقيدون، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، صفحو 174
17. ساڳيو، صفحو 260

18. ارسطو سي ايلٽ تڪ، نيشنل بوڪ فائونڊيشن اسلام آباد، صفحو 266
19. پٽ جو شاهه ايچ ٽي سورلي، ترجمو عطا محمد ڀنڀرو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ، ٻيو ڇاپو 1992ع صفحو 254
20. آغا سليم، بابا فريد شڪر گنج جا دوها، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1990ع، ص 8
21. سحر نياز احمد، آسان عروض، بوڪ ٽائيم، 2016ع ص، 6
22. 20th century literary criticism , David Lodge pp.643
23. Ibid. pp.34
24. جامع سنڌي لغات،جلد اول، ترتيب، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ حيدر آباد صفحو 394
25. "The MacMillan Encyclopaedia. Market house books ltd. 1981, page 119
26. شاهه لطيف جي شاعري ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاري جو تحقيقي جائزو، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، 2004ع صفحو 147
27. The encyclopedia Americana, volume.18, international edition, Lexington avenue new York pp.708
28. جامع سنڌي لغات،جلد ٻيو، ترتيب، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ حيدر آباد صفحو662
29. شاهه لطيف هر دور جو شاعر، ڊاڪٽر بشير احد شاد،سنڌيڪااڪيڊمي ڪراچي2008ع، صفحو173
30. جامع سنڌي لغات،جلد ٻيو، ترتيب، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ حيدر آباد صفحو590
31. شاهه لطيف جي شاعري ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاري جو تحقيقي جائزو، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، 2004ع صفحو 22
32. شاهه لطيف هر دور جو شاعر، ڊڪٽر بشير احمد شاد، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2008ع ص. 167

نوٽ: مقالي ۾ ڪتب آندل شاهه لطيف جا بيت، ڪلياڻ آڏواڻي واري ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي تان ورتل آهن.